ڪهڙو موضوع ۽ ڇا بابت آهي؟ ۽ اهي ڪتاب ڪهڙن ادارن ڇپرايا آهن. هن ئي باب ۾ غلام رباني آگري جي مضمونن جو تعارف ڏنو ويو آهي، ۽ اهي مضمون ڪهڙن ڪ تابن ۽ ڪهڙن رسالن ۾ شايع ٿيل آهن، انهن جو مختصر تعارف ڏنو ويو آهي ۽ غلام رباني جي قلمي پورهئي تي تبصرو ڪيو ويو آهي، ان ۾ سندس ڪهاڻين / افسانن، سوانح عمرين، خاڪن، مقالن، مشاهيرن جي تذڪرن، سفرنامن تي تبصرا ڪري ان جي اصولن جي تشريح ڪئي وئي آهي. ت : باب ٽيون ۾ غلام رباني آگري جي بحيثيت نثر نگار اديب جي حثيت جو متعين ڪئي وئي آهي. مذڪوره باب ۾ پهريون غلام رباني آگري جو علمي ادبي دائرو مقرر ڪيل آهي ته غلام رباني آگري ڪهڙن موضوعن تي قلم ڪنيو آهي، اهي سمورا اصول ماهرن جي ڏسيل ۽ ٻڌايل قاعدن کي ڏيان ۾ رکي هي باب مڪمل ڪيو ويو آهي. رباني مرحوم هڪ ڪهاڻيڪار هو ان پنهنجي ڪهاڻين ۾ جيڪو سماج ۾ شعور پکيڙيو هيو، سندس ڪهاڻيون ان حساب سان ڪيتريون ڪامياب هيون، انهن جو فني ۽ فڪري تقابلي جائزو وٺي، نچوڙ ۽ نتيجو ڪڍيو ويو آهي. سندس ڪهاڻين ۽ پنهنجي همعصرن جي ڪهاڻين مان ٽڪرا ۽ حوالا ڏنا ويا آهن. ربانيءَ جي مضمون نگاري بابت مختصر تحقيقي انداز سان ڇاڻ ڏني وئي آهي ۽ پوءِ ان وقت جي مضمون نگارن جو به جائزو ورتو ويو آهي. هن ئي باب ۾ رباني صاحب جي سفر نامن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ۽ انهن جاين، ماڳن، مڪانن ۽ ملڪن جو احوال ڏنو ويو آهي ته ، غلام رباني ڪهڙا ماڳ مڪان ، ملڪ گهميا ۽ انهن سفرنامن جي سنڌ ادب ۾ ايتري حيثيت ڇو آهي؟ غلام رباني آگري جي ڪتابن ۾ جيڪو سوانح نگاري جو فن ملي ٿو. ان ۾ رباني جي سوانح نگاري ۾ ڪهڙي حيثيت هئي ۽ پنهنجي دور ۾ رباني هن فن کي نڀائڻ ۾ ڪ يترو ڪامياب ٿيو آهي ۽ سوانح عمرين جو فني ، فڪري ۽ تقابلي جائزو وٺي نتيجو ڏنو ويو آهي ۽ پوءِ سوانح نگاري جي شعبي ۾ رباني جي سوانح عمرين جي فني اصولن کي پرکي رباني جي حيثيت جو تعين ڪيو ويو آهي. هن ئي باب ۾ غلام رباني آگري جو ترجمن ۾ ڪهڙو ڪردار آهي ۽ سندس ٻين ٻولين تان ڪيل ترجمن جا مثال ڏئي نتيجو ڏنو ويو آهي ته ، رباني جو سنڌي ۾ ترجمن ڪرڻ ۾ ڪهڙو ڪ ردار آهي، انهي کي بيان ڪيو ويو آهي.

هن مقالي جي پڇاڙي ضميمن سان ڪئي وئي آهي. انهن ضميمن ۾ پهرين رباني جي تقريرن جو ذڪر آيل آهي ۽ پوءِ سندس ڊائريون، انهن جا اشارا ڏنا ويا آهن. هن ئي ضميمن ۾ رباني جي خطن جو به ذڪر ڪيو اٿم ۽ ڪجھ رباني جي هٿ اکرن وارن خطن جا عڪس ڏنا اٿم. ضميمن ۾ اڻڇپيل مواد جو ذڪر ڪيو اٿم. انهن جو ذڪر ڪيل آهي ۽ هڪ اردو ۾ رباني صاحب جو جيڪو انٽرويو مليو آهي ،

Gul Hayat Institute

اهو انٽرويو اردو زبان ۾ ورتل آهي، جيئن ته تحقيق جي طالب علم انهيءَ اردو ان ٽرويو کي سنڌي ۾ ترجمو ڪري رکيو آهي 6- ڪتابيات هن موضوع ۾ جيڪي پنهنجي تحقيق لاءِ ڪتاب ، ٿيسز، رسالا، اخبارون ۽ ٻيو مواد تحقيق جي دوران نظر هيٺ آيو آهي انهن جو ذڪر ڪري پنهنجي تحقيقي ٿيسز جو اختتام ڪيو اٿ م، پر ڪوبه تحقيق ڪندڙ جڏهن ڪنهن ڪتاب لکڻ تي پورهيو ڪري ٿو. خاص طور تحقيق جو ڪم اهڙو پورهيو آهي، ان ۾ هر هڪ شيءِ جو صحيح رخ بيان ڪرڻ لاءِ وڏا جتن ڪرڻا پون ٿا. محقق جي اها دلي خواهش هوندي هوندي آهي، ته سندس محنت عوام اڳيان اچي ۽ عوام ان جو قدر سڃاڻي مان تمام گهڻو خوش ٿيو آهيان جو مان هي ڪم اوهان سامهون پيش ڪري نه فقط ٻگري پر هڪ سنڌي ادب جي ڏاهي، مدبر شخص جي ڪيل خدمت کي اجاگر ڪرڻ جي ننڍڙي ڪوشش ڪئي اٿم. مان پنهنجي قابل احترام بزرگ استاد هن ڪم جي نگران ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ جو نهايت ئي ممنون ۽ مشڪور آهيان. جنهن جي همت ۽ حوصلي ڏ يارڻ کان سواءِ هي ڪم اهڙي سٺي انداز سان نه ٿي سگهي ها.

ذوالفقار علي جلباڻي

Gul Hayat Institute

فارم نمبر 16

# اسڪول ڇڏڻ جو سرٽيفڪيٽ

گرانٽ ان اينڊ ڪوڊ جو پهريون باب جي قانون 11 موجب تعليم شاگرد جو

جنرل رجسٽر نمبر 634 گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪاهي خان جلباڻي.

| | |
|---|---|
| شاگرد جو پورو نالو | غلام رباني عبداللطيف |
| قوم ذات ۽ مذهب | مسلمان اگهه. |
| ڄمڻ جو هنڌ | خان اگهه. |
| عيسوي سن موجب ڄمڻ جي تاريخ مهيني ۽ سال (انگن اکرن ۾) | (05-11-1933) پنجين نومبر اوڻيهه سو ٽيٽيهه. |
| اسڪول ۾ داخلا جي تاريخ | 16-09-1941 |
| ڪهڙي اسڪول مان آيو | پوئنس |
| داخل ٿيو | پهرئين. |
| اسڪول جي ڪمن جو اڀياس | چڱو |
| | ڇڏي |
| اسڪول ڇڏڻ جي تاريخ | 18-06-1946 |
| ڪهڙي ڪلاس ۾ پڙهندو ۽ ڪڏهن کان (انگن اکرن ۾) | پنجون پاس ڪيائين. |
| اسڪول ڇڏڻ جو سبب | انگريزي پڙهڻ ويو. |
| قرآن شريف پڙهيل آهي يا نه | ها. |
| ريمارڪس | ليونگ سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو. |

سرٽيفڪيٽ ٿو ڏجي ته مٿيون تفصيل اسڪول جي جنرل رجسٽر موافق آهي

DUPLICATE

VERIFIED

Primary Education Officer, Mehrabpur

Gul Hayat Institute

## 5_شخصيت رهڻي ڪهڻي ، پوشاڪ ۽ اخلاق: -

سنڌ جو اهڙو ڪو پڙهيل لکيل ماڻهو نٿو رهي جنهن غلام رباني آگري جو نالو نه ٻڌو هجي. هو دوستن جو دوست هو. پر نا آشنائن سان به وڙ ڪندو هو سندس ذات گرامي هڪ سڀاجهي ۽ سپوت سنڌي جي صورت آهي. هو تمام ممتاز شخصيت جو مالڪ هو. جنهن کي هر لکيو پڙهيو سهڻي نموني سڃاڻي ٿو. جهڙي صورت سهڻي تهڙي سيرت ڀلي هئس غلام رباني بهترين مصنف، اعليٰ گڻن وارو مؤلف ۽ علم جي پارکو هجڻ سان گڏ عشق رسول صلعم ۾ مستغرق ۽ سخا جو پيڪر هو. هر ڪنهن کان موڪلائڻ وقت يا فون تي گفتگو جي پڇاڙيءَ ۾ يا خطن جي پڇاڙي تي چوندو هو، حضور صلعم جن شفاعت هيٺ هجو. سندس تحريرن ۾ ديني ۽ مذهبي حقائق بيان ڪيل آهن. ادبي دنيا جو ته مڃيل چوڏهينءَ جو چنڊ هئو. حڪيم اعجاز حسين چانڊيو لکي ٿو ته سندس شخصيت عظمت جو حوال ۽ سندس احسانن جو بيان سندس ڪمال قربن جا دلاويز داستان ڪاغذ جي تنگ ميدان تي بيان ڪرڻ ڏکيا آهن، ڇو ته اخلاق ۽ ڪردار ۾ هن مثالي انسان ۾ محبت ۽ خلوص جي سرچشمي سائينءَ رباني جي صحبت ڪچهري ۾ گفتار ائين هوندي هئي، جيئن ڪا ڀريل ندي سانت ۽ ڌيرج سان وهي رهي هجي.

غلام رباني آگرو قد جو وچولو بت ۽ جسم ۾ پورو نه ٿلهو نه تمام سنهڙو گول چهرو مرڪندڙ پر ٺهندڙ خوش پوشاڪ ۽ خوش اخلاق ماڻهو هو. آئي وئي جي خيال ڪرڻ جو سبق ڪيس سندس وڏڙن کان مليل هو. اگر اڻواقف به سندس اوطاق ، آفيس يا گهر يا سفر ۾ رهيو ته ان ۾ ڪڏهن به اوپرو نه لڳندو هو. ائين محسوس ٿيندو هو ته غلام رباني سان پراڻي ۽ گهري واقفيت آهي. ڇڻ ته ملندڙ ڪنهن همدرد دوست سان ملي آيو آهي. سندس گفتگو ۾ پيار ڀريو انسان جهلڪندو نظر ايندو هو.

فراخدلي ۽ مهمان نوازي جا گر ته ڪائنس سکڻ جهڙا هئا. مهمان کي ڏسي سندس دل باغ باغ ٿي پوندي هوس. سندس تعلق ۽ واسطا ته اميرن سان به هيس پر وڏائي اصل ڪونه هئس.

هن کي وڏن ماڻهن جي مشروبن تي فخر گهٽ پر پنهنجي ڳوٺ جي سندس پيءُ جي ٺاهيل سادي ۽ سودي ملاوٽ کان پاڪ ٺاڌل کي هو وڌيڪ ساراهيندو هيو. سندس ڳوٺ ۾ ٺهيل ٺاڌل ايران، دبئي، هندستان، بنگلاديش ۽ چين جي مشروبن

Gul Hayat Institute

شاهه جي ٻچا بند کان ڪو ٻه ٽي ڪلو ميٽر فاصلي تي آهي. درياهه شاهه جون مستيون ، موجون، گجگوڙ چڙهايون ۽ ٻوڏون ڏسندو رهيو. بلڪ پنهنجي والد برزگوار سان گڏ دنگيءَ، ٻونڊي ۽ ٻيڙيءَ تي چڙهي سير به ڪيائين، اها سندس ٻالڪ اوستا هئي. سندس گهر هڪ سادي سودي مسلمانيءَ معاشري جو گهوارو هو. جتي يارهين پير جي يارهين ۽ حضرت محمد ﷺ جن جي ميلاد شريف جو هديو ڪيو ويندو هو. نماز روزي ۽ ورد وظيفن جو ڀڻ اتي وهنوار هوندو هو. مهمان خانو ته وٽن جاري ساري هو، اهي سڀ شغل شعوري يا غير شعوري سندن خاندان جو وديعت ٿيل شغل هو. ربانيءَ جو ذهني فڪري ۽ نظرياتي سفر چاهي گهر ۾ توڙي ٻاهر جاري ساري هو. جن تي ساري زندگي عمل ڪندو رهيو. رباني هڪ آدرشي انسان ٿي گذريو هو سندس اباڻو ڳوٺ محمد خان آگرو آهي. مگر علمي گهر ڳوٺ گاهي خان جلباڻي آهي.(مقالا نگار جو ڳوٺ)ٻنئور ، محبت ديرو جتوئي، نوشهروفيروز، حيدرآباد ۽ ڪراچي به هئا. جتي جتي رهيو. اتان جي معمولي توڙي غير معمولي ڏاهن سان ڪچهري ٿيس ۽ گهڻو ڪجھ پرايائين. اٽڪل ويهن سالن جي ڄمار ۾ لکڻ شروع ڪيائين. 1953ع ڌاري پهريون افسانو "اتر ٻاهي ان جا" لکيائون ته سنڌي ادبي سنگت ان کي پهرئين نمبر جو افسانو قرار ڏنو. مهراڻ رسالي طرفان اعلانيل نون افسانا نگارن جي ڇٽا ڀيٽي ۾ سندن ان افساني کي هاڪارن اديب جججن پاران پهرين انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو. 1960ع ڌاري سندس پهرين افسانن جو مجموعو " آب حيات" پاڻ ترتيب ڏنائون جو ادارو پبليڪشن حيدرآباد پاران سائين حميد سنڌي وڏي اهتمام سان شايع ڪيو. رباني ڀٽائي جي هن سٽ واري افساني "ٻُري هن ڀنڀور ۾" کي محبت سان سٽاءُ جي سينڌ ۾ سنڌو وانگر اول سجايائون، بعد ۾ جيڪي شاندار افسانه لکندا رهيا.

---

"آب حيات" ٻه اکر- نصير مرزا ۽ الطاف آگرو ص 8-9

انهن مان پاڻ گهڻن ئي افسانن جا عنوان ڀٽائي صاحب جي بيتن مان چونڊيندا رهيا. ان ڏس ۾ دعويٰ سان چئي سگهجي ٿو ته، پاڻ ئي سنڌ جا اهي پهريان افسانه نگار هئا جنهن گهڻن تڻن افسانن جا عنوان ڀٽائي صاحب جي ئي بيتن مان پئي منتخب ڪيا. نه رڳو ايترو "آب حيات" افسانن جي پهرئين مجموعي جو سرورق کي ٿورو هٽائي. اندرين صفحن تي نظر وجهنداسين ته اتي به ڀٽائي صاحب جو ئي هڪڙو نشانبر بيت نظر ايندو.

سراج ميمڻ لکي ٿو ته: "رباني تي ٻه اکر لکڻ منهنجي خوش نصيبي آهي، هو نه صرف منهنجو دوست هو، پر ادبي کيتر ۾ منهنجو همسفر به هو. پنجاهه جي آخري ڏ

Gul Hayat Institute

3- فيضي ۽ ابوالفضل

4- موجيم که آسودگي ماعدم ماست

7- درياءَ جا ڪنارا

8- ڏس گذران فقيران دا

9- قابل فخر سرمايو

10- شهر- ڪلچر جو مظهر

11- سنڌي ساهت ۽ سنڌي عورت

12- شهر - ڪلچر جو سرچشمو

13- صاحب ساري سنڌ تي

14- سنڌ جو ممتاز علمي شخصيتون

ٽه ماهي، "مهراڻ" ۽ ٻين رسالن ۾ آيل ۾ "مضمون"


1- غلام رباني آگرو "رڻ جا راهي" ٽه ماهي ، "مهراڻ" جلد 39، آڪٽوبر،نومبر، ڊ سمبر – نمبر4، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو/ حيدرآباد ، سنڌ 1990ع، ص: 188

2- غلام رباني آگرو "سنڌ جا ٻرندڙ جبل" سنگم پبليڪيشن ، پوسٽ باڪس نمبر 89، حيدرآباد ، سنڌ، ص: 9

3- غلام رباني آگرو "سامي سنک وڄائي واٽ ٽيا" ڊاڪٽر مهڪري جي ياد ۾ - ٽه ماهي "مهراڻ" جلد 44 ، آڪٽوبر – ڊسمبر ، نمبر 4 سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سن ڌ 1955ع، ص: 184)

4. غلام رباني آگرو "جوڳيءَ تي جڙاءُ" ٽه ماهي ، "مهراڻ" مخدوم محمد زمان ط الب المولي خاص نمبر، جلد 63 ، جنوري – مارچ – سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ 2013ع، ص: 264

5- غلام رباني آگرو "اڪڙيون مينگهه ملهار" ٽه ماهي "مهراڻ" جلد- 50 ، جنوري – جون، نمبر 1 ۽ 2 "تنوير عباسي نمبر" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ 2000ع، ص: 111

6- غلام رباني آگرو "دارا جا پويان ڏينهن" ٽه ماهي "مهراڻ" جلد -62، آڪٽوبر- ڊ سمبر، نمبر – 4 سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ 2012ع ( ص 82)


Gul Hayat Institute

سنڌ جو ادبي ماحول، مولانا گرامي، غلام محمد لغاري ۽ محمد عثمان ڏيپلائي جي خدمتن جو اعتراف ۽ محمد ابراهيم جويو جي همت جنهن سنڌ ترقي پسند ادب جي تحريڪ کي مٿي اپاريو بابت مواد ملي ٿو. (1)

---

1_غلام ربانی آگرو “سنڌی ادب تی ترقی پسند تحریک ...ن” مهاڳ : نصيرمرزا، ص: 16



## 11- ڪتاب جو نالو :- ٽيا قلب قرار

هن ڪتاب ۾ غلام ربانيءَ جا مضمون، مقالا، يادگيريون، ترجما، تقريرون ۽ خاڪا لکيل آهن. مذڪوره ڪتاب جا مرتب نصير مرزا ۽ الطاف آگرو جن آهن، ۽ ڪتاب کي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ڇپاران ڇپايو ويو آهي، ڪتاب جو انتساب محمد ابراهيم جويي سان ڪيل آهي ۽ غلام رباني آگرو محمد قاسم ماڪا ٻه اکر عنوان ۾ لکيو آهي ته: “سائين غلام رباني آگري صاحب جو شمار اهڙن ڄڳ مشهور اديبن ۾ ٿئي ٿو. جن کي دنيا جي مقبول و معروف ٻولين ۾ ترجمو پڻ ڪيو ويو آهي، جن ۾ انگريزي هندي، چيني وغيره شامل آهن. (1)

هن بابت محترم نصير مرزا ۽ الطاف آگرو جن لکن ٿا ته سنڌ جي ممتاز عالم ۽ اديب سائين غلام رباني آگري صاحب جي ياد گيرين مقالن ، مهاڳن ، تقريرن ، تاثرن ۽ خا ڪن جي هن ڪتاب جي مثال سان ائين سمجهو ته سندس لکيل غير افسانوي ۽ شاه ڪار نثر تحريرن جو باب ڄڻ مڪمل سهيڙي جي تمت باخيرٿيو......................ا علي نثر لکڻ تي ڪين قدرتي طرح وڏو ملڪو حاصل هو اهو ئي سبب آهي جو سندن پڙهندڙ ٻڌائيندا آهن ته سندن هر تحرير ۾ اهڙي ڪا ڪرشماتي ڳالهه پوشيده هوندي آهي ،اها پڙهن شروع ڪبي آهي ته ختم ڪري ساهه پٽبو آهي. (2)

آئون ڀائنيان ٿو ته ان جو ڪارڻ آهي سندن موضوعن جي رنگارنگي ۽ پر لطف اسلوب ۽ علاوه ازين مطالعي جي گهرائي ۽ ڳالهه ڪرڻ ۽ لکڻ جو دلچسپ انداز ۽ م ٿان وري وچولي ۽ اترجي ٻوليءَ جي آميزشن به واهه واهه! هن قرآن شريف جي ترجمن توڙي اسلامي موضوعن تي ڪجهه نوان انڪشاف ڪيا آهن. (3)

عنايت بلوچ لکي ٿو ته: “هن ڪتاب جو گهڻو حصو رباني صاحب جي يادگيرين تي ٻڌل آهي. جنهن ۾ ڦليلي ڪاليج جون يادگيريون به دلچسپ انداز ۾ لکيون آهن.

Gul Hayat Institute


ٿيل ادبي مسئلا خصوصاً زنده دانشورن جي حوالي سان آخر ۾ لکيو اٿس.

يه طورکا جلوه



## محمد عثمان ڏيپلائي:-

ڏيپلائي تي پرپور  سندس ادبي ڪاوش ، عقيدن ۽ زندگي جي لاهن چاڙهن بابت ربانيءَ جي پنهنجي دوستن جي ياداشت، ون يونٽ بابت، سنڌ جي معاشرتي ۽ سنڌ جي ماحول بابت تاريخي مواد ڏنل آهي.



## اياز جي عظمت:-

اياز بابت خيال آرائي، اياز جي ادبي ڪاوشن بابت، س... شاهيرن جا تاثرات، سياسي دور ۾سياسي سماجي ترجمان، تصوف بابت اياز جا خيال، مشاهيرن جي يادگيري، گرهوڙي صاحب جو حوالو ۽ ٻيو مواد ڏئي اياز جي عظمت بيان ڪئي اٿ س.



## تنوير عباسي : اڪڙيون مينگهه ملهار

تنوير جي ٻالڪپڻ ۽ صغير سني بابت، پيغمبر بابت، ذاهن ماڻهن بابت، تنوير جي دوستن بابت، مشاهيرن بابت، سٺن ڪتابن بابت، تنوير جي خاندان بابت، ڪراچي هوٽل جون ڪچهريون ، شاديون اولاد ۽ علم ۽ دانش ۾ دلچسپي، تصوف جي مشاهيرن بابت ، اهل تصوف جو ڪلام، تنوير تي اهل تصوف جو اثر . حلاج بابت احوال ، تنوير تي تاثرات ، تنوير جي مهمان نوازي ، ون يونٽ جو دور سنڌ جو سير سفر ، شعرو شاعري، انسان ۽ هن جهان بابت گهڻو ڪجھ مواد هن سري هيٺ موجود آهي.

Gul Hayat Institute



## حفيظ شيخ:- زندگي حفيظ سان ڪانه نڀائي

هي خاڪو حفيظ جي حياتي جو آهي. هن ۾ رباني ڪمال جو پورهيو ڪيو آهي نه رڳو حفيظ جي زندگي بابت پر هر انسان جي زندگيءَ جو خاڪو آهي، ادب جي مشاهيرن توڙي شاهڪارن جو تذڪرو به آهي موت ۽ حياتي بابت پنهنجي آتم ڪٿ ا، حفيظ جي دوستن بابت، حفيظ جي خاندان بابت ... ڪيئن ڪجي؟ سنڌ جي ڪٿا ۽ مشاهيرن جون ڪويتائون بيان ڪيل آهن.



## خان محمد پنهور



ماڻهن جا قسم، سنڌ جي سياسي حالت، سنڌي تهذيب، ...د پنهور جي

نل تفصيل ۽ سندن حاصلات تي جامع نظر واري نڪتي، ڪتاب کي انفراديت بخشي ڇڏي آهي، ۽ مذڪوره ڪتاب 410 صحفن تي مشتمل آهي.

3 ـ غلام رباني آگري جي مضمونن تي تبصرو:

## سنڌ ڪلچر تي هڪ نظر

غلام رباني آگري پنهنجي شروع واري دور ۾ لکڻ جي شروعات ڪهاڻين سان ڪئي ، ڪهاڻين کان علاوه "مضمون نويسيءَ" جي صنف ۾ رباني مرحوم جي قلم جو ڪ رشمو ساڳيءَ طرح اهڙو ته منفرد، مدلل ، مؤثر ۽ من موهيندڙ حيثيت رکي ٿو، سندس نثري ادب ۾ بلا شبه هڪ فخر لائق ڪارنامو آهي، جنهن لاءِ ثابتي ڏيڻ لاءِ سندس ڪتاب "آب حيات"، "جهڙا گل گلاب جا" ۾ ڇپيون ڪي ئي تحريرون موجود آهن. "سنڌي ڪلچر" جي موضوع تي غلام رباني جي فڪر انگيز مضمونن جو هيءُ مجموعو ڇپجي هڪڙي اهڙي سهڻي سلسلي جي ڪڙي آهي. جن موضوعن تي لکيا ويا آهن، انهن جو انسان جي زندگيءَ سان گهرو واسطو آهي، ائين پائنجي ٿو ته مصنف زندگيءَ جي ننڍين ننڍين ڳالهين کي ويجهو ڏٺو آهي. هر ڳالهه کي چ گي طرح پرکيو ۽ پروڙيو آهي ۽ حقائق معلوم ڪيا آهن. هن ڪتاب ۾ ڪل چوڏهن مضمون آهن، فن جي لحاظ کان ته هي مضمون وڏي اهميت رکن ٿا. مصنف لفظن کان اهم ڪم ورتو آهي، ٿورا جملا پاڻ ۾ علم ۽ حڪمت جو درياءُ رکن ٿا. هن جي هيٺ مکيه مضمونن جو تعارف ڏجي ٿو.

Gul Hayat Institute

1- وري ورندو واءُ، وري وسندا مينهڙا.

پهريون مضمون غلام رباني پنهنجي دوست مسٽر جعفر، انڪم ٽيڪس ڪمشنر

ويو آهي. سندس ڪيترن ڪهاڻين ۾ موجوده معاشري جي ڪمزورين جي نشاندهي ٿيل آهي ،مگر هن ڪهاڻي کي ڏسي چئون ٿا ته غلام رباني جون ڪهاڻ يون نه صرف  دک جو ذڪر پر ان جو علاج به آهي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ڪهاڻي جو منڍ آهي، هن ڪهاڻي ۾ جهڙوڪ بغاوت جي باهه ٻري ٿي ۽ ڪردار مزاحمت ڪن ٿا. اهڙو پنڀٽ مچائين ٿا،  جو جاڳڻ خان جهڙو ظالم ختم ٿي وڃي ٿو. خاص ڳالهه ته هن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌ جي قديم روايتن کي قائم رکيو اٿس. جهڙو ڪ اسان پراڻي دور ۾ پيا هلون. هن ڪهاڻي ۾ اهڙا واقع لکيا اٿس جو ماضي اکين اڳيان تري اچي ٿولکي ٿو ته  ...... ٻنيون تن ڏينهن ۾ ٿوريون ڪاهبيون هيون پر اپت جهجهي ۽ جال ٿيندي هئي. جريب خرار (1) ملڪ ۾ سڪر سهانگ هوندو هو چئن ڪوڏين ۾ ڪير جو سير ۽ ٻه آني گيهه جو سير ...(2)

...... مسافر ۽ مهمان جي هر ڪو وڏيءَ دل سان آجيان ڪندو هو. مهمان آيو ته اڳلو ڪٿي نه ماپندو هو. مزمان به ڀاڳين جي درن تي ايندا آهن. (3)

ماڻهن ۾ ڏايو رس هو. وڏڙا جوانن کان وڌيڪ ۽ جوان وڏڙن کان وڌيڪ قربائتا هوندا هئا.(4)

...... يڪتاري جي تڻ تڻ گهاگهرجي ڏڏڪي ۽ ڇير جي ڇمڪي تي ڪلام هلندا هئا. (5)

...... ڪي ڳاءِڻا قصا ڳائيندا هئا. قصي جي هلندي ڏوهيڙو ايندو هو. ...... ٻڌنڌڙن مان آواز ايندا هئا. هوء ڙي عثمان ماري وڌء ! ڇني وڌء ، وڃائي ڇڏيهء(6)

Gul Hayat Institute

---

1_" آب حيات" ، ص: 1
1- ايضا، ص: 2
2- ايضا، ص: 3
3- ايضا، ص: 4
4- ايضا، ص: 5
5- ايضا، ص: 6

...... راڳ کان پوء ڪچهري ۾ ڳجهارتن ۽ پرولين جو وارو ورندو هو.(1)

...... سوابا اهي اوج هئا، تن ڏينهن اڄ اهي ڏينهن ياد اچن ٿا ته ڀائنجي پيو ته سرڳ مان نڪري اچي نرڳ ۾ پيا آهيون (2)

وڏيرن جا ڪرتوت هن طرح بيان ڪيا اٿس.

...... ڪيو ڀيڻسان ( جيڪا گار آهی) ڪميڻی کی ٿڙا مٿی تی ڏيئی!

**ڪس ٿي ويئي. پڻس جي قسمت ڍل به تاوڻ (3)**

**هن ڪهاڻي ۾ ائين پيو محسوس ٿئي ته رباني ڪهاڻي نه ماضيءَ جون يادگيريون گڏ ڪيون آهن.**

**قديم روايتن جو بيان ڪيو آهي،ان وقت جي ايمان ۽ حالتن جو ذڪر آهي،مسافر ۽ مهمانن جو قدر ۽ فرض بيان ڪيو آهي، ڀڪتاري جو ذڪر ڇڻ ته سومرن ۽ سمن جي دور جي ياد تازي ڪيل آهي. ڇڻ ته پٽن ۽ پانن جو بيان آهي ، پيرن فقيرن جا اوتارا محفلن ۽ مجلسن ۾ ويٺل ماڻهن جي واهه واهه جو بيان، لوڪ ادب جو بيان آهي ، پراڻي دور ۽ اڄ جي دور جي ڀيٽ ڪيل آهي ، پراڻي دور کي جنت ۽ موجوده کي دوزخ ڪوٺيو اٿس. آخر ۾ ائين پيو محسوس ٿئي اڄ جي دور جي و ڏيري جاڳڻ خان جو ظلم بيان ڪيل آهي ۽ هي ڪهاڻي آخر ۾ سمجھ ۾ اچي ٿي ته هن لکڻي ۾ ڪهاڻي سمايل آهي. وڏيرن جون عادتون ڦرون، ڌاڙا، غريبن سان ظلم آخر ۾ ئي ظاهر ٿئي ٿو ته هي ڪهاڻي جاڳڻ خان جي دور سان شروع ٿئي ٿو.**

---

1_ آب حيات: ص: 8

2_ايضا، ص: 9

3_ايضا، ص: 10

Gul Hayat Institute

## 14- <u>شيدو ڌاڙيل:-</u>

**جديد سنڌي ڪهاڻي ۾ اهم ٿي مشهور ڪهاڻيون آهن. جنهن جا ڪردار هڪ ٻئي سان ملندڙ جلندڙ آهن. جمال ابڙي جي "پشو پاشا" اياز قادري جي "بلودادا" ۽ غلام رباني آگري جي**

**"شيدو ڌڙيل" ٽئي ڪردار سماج جي مظلوم طبقي جا ئي مددگار آهن. اسان جي سماج ۾ ماضيءَ ۾ اهڙا ڪردار اڀريا آهن. جيڪي سماج جي جبر جي ڪري ٻي واهه نه ڏسي ڪري ڌاڙيل ٿيا آهن. شيدو ڌاڙيل جو مرڪزي ڪردار نهايت وڻندڙ آهي. واقعات توڙي ڪردار نگاري ۾ تمام سادگي ۽ سچائي رکيل آهي، ايتري قدر جو ۽**

درد ڀريون ڪهاڻيون (1)

---

"آب حيات" ڪهاڻي: "هن لکيو،"، ص: 148

......اڄ سالن کانپوءِ وري هن قلم سنڀاليو هو. ...... هن ڪنهن جي اميد پوري ڪرڻ لاءِ اڄ وري اگر بتي جلائي هئي. ...... هن پنو پينسل پري اڇلي (1).

پنهنجي حالات ۽ ڪيفيت هن بيت سان کولي لکي اٿس.

**مي سازم مي سوزم، چون خون بکباب اندر**

**مي گويم مي خندم ، چون برق سحاب اندر**

هن ڪهاڻي ۾ عجيب قسم جي منظر نگاري ٿيل آهي، جيڪا اندر ۾ تجسس پيدا ڪري ٿي.

Gul Hayat Institute

---

اسان وٽ اڪيچار ليڪ آهن. هر هڪ پنهنجو هٽيءَ سارو هوڪو ڏنو آهي. اسان لا ۽ سڀئي مان وارا آهن. انهن جا ڪيترائي درجا آهن. هر هڪ پنهنجي پنهنجي حرارت واري پَدَ تي بيٺل آهي. انهن جي پورهئي جي ماپ لاءِ ادبي ماپا ۽ علمي قدر آهن، انهن ماپن ۽ ماڻن سان جڏهن پاڪستان ٺهڻ کان وٺي هن دور تائين ڪ سوٽيءَ تي پرکون ٿا ته رباني کرو، برجستو سورهيه هئڻ سان گڏ ادبي کيتر جو اهڙو محرڪ آهي. جنهن لاءِ چئي سگهجي ٿو.

## پاڻياري سڀ ڪا ، سر مٿي گهڙو ڌري
## ڪالئه سڄڻين، ڪا پورهئي ڪاڻ پري

سو رباني سڄڻن ۽ ساٿين لاءِ ئي لکيو آهي. سندس لکڻين ۾ اهڙو درس آهي، جنهن جو اثر دير پا ۽ جٽادار آهي، جنهن ڪري پاڪستان ٺهڻ کان وٺي اڄ تائين جي لکندڙن ۾ سرموڙ جي حيثيت رکندڙ آهي. رباني صاحب جا ڪتاب "ماڻهو شهر ڀنڀور جا"، "جهڙا گل گلاب جا" "خط غبار"، "هنگلاج ۾ چانهه" " ٿيا قلب قرار " "سنڌي ڪلچر" "سنڌي ادب تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر" " سنڌ جا بر بحر ۽ پهاڙ" " آب حيات" اهڙا شاهڪار مجموعا آهن، جيڪي غلام رباني آگري جا علمي ادبي کيتر جا مٺا ۽ ميويدار وڻ آهن. جنهن تي جيترو لکجي اوتر گهٽ آهي، سندس قلم جي ڪمال کي سلام پيش ڪيان ٿو. رباني جي گفتن مان مثالي ٽڪرا جهڙا گل گلاب جا ص 110 هت ته وک وک تي ڪنڊا چڀن ٿا. ۽ انهن کي هٽائي پنهنجي لاءِ رستو ڪڍڻو ٿو پوي. غلام رباني جي نظر ۾ سهڻيءَ جو ڪردار انسان ذات جو معراج آهي. (عنوان بابا سائين عبداللطيف آگرو: ص: 123 )

Gul Hayat Institute

...... ڪاري رنگ جي ڀٽري چونڊي ، ڀٽرين جي دير تي ڇٽيندا هئاسين. ته منجهائن ڇڻنگون نڪري پونديون هيون. ڏايو مزو ايندو هو. ڇڻ ته جنت جا ڏيئا ٻري پوندا هئا...... امان اڄ بڪ لڳي آهي. منهنجا اهي اکر ٻڌي سندس اکين ۾ خوشيءَ جا ڳوڙها اچي ويا، سٽ پائي اٿي اڌ پاءَ جيترو ڪڇڙو ڪڪڙ جو چوزو گهرايائين، ڦوٽي جي داغ ( داگ) سان ڪارن مرچن ۾ رڌيائين ۽ نرم اوڦراٽو پچائي ڀرسان ويٺي ننڍڙا ننڍڙا گرهه ٺاهي وات ۾ ڏيندي وئي، جڏهن ڪائي ٻؤ ڪيم، ته الله جو مٺو نالو وٺي لولي ڏنائين مون کي ننڊ ڪڻي وئي. زندگيءَ ۾ مون ان کان بهتر ماني ڪونه کاڌي" رباني جا هي جملا اهڙا ته اثرائتا آهن. جنهن ۾ ماءُ جي سچي محبت جو اظهار آهي.

...... مون کي يقين آهي ته قيامت جي ڏينهن جڏهن الله سائين گاهي فقير کي قبر مان اٿاريندو ته ڪائنس ڀڄاڻو ڪو نه ٿيندو. ملائڪن کي حڪم ملندو ته بهشت

2- سراج "آب حيات" ڪهاڻي ڪليات ،جو، مهاڳ، ص: 16

## سنڌي افسانو غلام رباني آگري جي دور ۾:-

پاڪستان ۾ سنڌي افساني جو نئون دور 1950ع ۾ شروع ٿيو. سنڌي ادبي جمود کي ٽوڙڻ ۽ افساني کي عام ڪرڻ ۾ ماهنامي "نئين زندگي" ۽ ٽه ماهي "مهراڻ" جو اهم ڪم آهي. پاڪستان قائم ٿيڻ کانپوءِ جيڪي بهترين افسانا لکيا ويا. انهن جو مختصر جائزو وٺڻ کان پهرين ان وقت جي ادبي ڪوشش جا ڪي روشن نشان ڪ جھ ڪتابن ۽ رسالن ۾ موجود آهن، جن مان "پرهه ڦٽي" ۽ "اڳتي قدم"

ڪجھ افسانن جا مجموعا "ڊاڪ بنگلو"، "پنهل کانپوءِ"، "گل مڪڙيون" وغيره جن آزادي کانپوءِ افسانن جي دنيا ۾ مضبوط مقام جو ماڻيو، 1953ع ڌاري "سنڌي ادبي سنگت" جو بنياد پيو. انهيءَ پليٽ فارم تان سنڌي ۾ افسانن جي ترقي لاءِ اهم ڪم ڪيو ۽ سنڌي ادبي سنگت سنڌي افسانن جي ڇٽا پيٽي ڪرائي انعام پڻ ڏنا. جن ۾ سنڌي پوليءَ جي ڪيترن ئي افسانا نگارن حصو ورتو ۽ انهن ۾ جن افسانا نگارن کي سندن افسانن تي انعام مليو.انهن افسانن کي پوءِ سه ماهي "مهراڻ" ۾ ڇ پرايو ويو. بهر حال آزاديءَ کانپوءِ سنڌي ادب ۾ انقلابي تبديليون آيون. هر موضوع تي طبع آزمائي ڪئي وئي- 1955ع ۾ ون يونٽ جي قيام ۽ ان کانپوءِ ستت ئي 1958ع ۾ ايوب واري مارشل لا سنڌي زبان ۽ ادب لاءِ رڪاوٽون آنديون ۽ رنڊڪون پيدا ڪيون. 1955ع ۾ ٽيهر سه "مهراڻ" جاري ٿيو. جنهن ادب جي راهه ۾ روشن راهون پيدا ڪيون، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته سنڌي ادبي سنگت طرفان افسانن جي ڇٽا پيٽي ۾ حاصل ڪيل انعام وارن افسانن کي مذڪ وره رسالي ۾ ڇپرايو ويو ۽ ان کان علاوه ٻيا به رسالا هئا. جن سنڌي افساني کي عام ڪرڻ ۾ قابل فخر ڪوشش ورتي. انهيءَ ۾ "تقاضا" سکر مان نڪرندو هيو. "مارئي" حيدرآباد مان "ادا" جنهن ۾ سنڌي افسانن جي دنيا جو قابل فخر ڪم ڪيو، تن ۾ ڪجھ افسانن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

"ڪڏهن بهار ايندو" سوڀو گيانچنداڻي.

"بدمعاش" ، "خميسي جو ڪوٽ" ، "مان مرد"، "مهرباني" ۽ "شاهه جو ڦر"، جمال ابڙي جا افسانه ، "انسان ۽ زندگي جي ڪنارن تائين" (سراج) "بري هن ٻنپور ۾" غلام رباني آگرو "نئون مڙدو"،"چهڙي"،"پريم ٽڪري" ۽ زندگي جو روڳ (بشير مورياڻي) "مان انسان آهيان" (اياز قادري) "ٻه ڳوڙها ۽ ٻه پاڇا" ( شيخ حفيظ) بهرحال آزادي واري دور کانپوءِ سنڌي سماج جي سماجي مسئلن جو ذڪر وٺيڪ آهي. انقلابي ڳالهيون آهن. بين الاقوامي مسئلن جو ذڪر آهي. هن دور جو سنڌي

Gul Hayat Institute

7- ايضا، ص: 100
8- ايضا، ص: 102

ايرانين ۾ ترڪن جو رت شامل آهي، ترڪ ۽ ايراني نسل جا ماڻهو عام طرح خوبصورت ٿين ٿا، سندن وصف پيشاني، ڀرون، اکيون، نڪ، چپ ۽ ڳل ڏاڍا سه ڻا ٿين ٿا. (1) رباني هر شهر لاءِ سٺو لکيو آهي، ان شهر ۾ جهڙوڪر عڪس ڪيو اٿس ته ، تهران جي پنهنجي سونهن آهي، پر، مشهد وڏيڪ سهڻو شهر آهي، چئو طرف ساوڪ ، وڻڪار ۽ وڻندڙ نظارا اٿس، امام علي رضا جو روضو پري کان پڌرو آهي، انسان وٽ اڪثر روضن ٽي ڳالهيون ڪثرت سان نظر ايندیون آهن فقير، ڪتا ۽ مکيون پر سڄي مشهد شهر ۾ اسان کي گداگر ۽ ڪتو نظر ڪو نه آيو. ته وري ڪاڏي پيتي جي نشين تي مکين جا ڀونڀاٽ ٻڌڻ ۾ نه آيا (2)

........ دنيا ۾ قرآن ڪريم جي ناياب نسخن جو سڀ کان مشهور ڪتب خانو مشهد ۾ آهي.(3) ايران ۾ اسلامي انقلاب کان پوءِ فردوسيءَ جو مجسمو به ڪنهن طرح بچي ويو (4)

چين ۾"سن يات سين" جو عاليشان مقبرو آهي، سنگمرمر ۾ ٺهيل سندس مجسمو آهي. (5)

سنڌ چيف ڪورٽ جي اڳيان ڪوي مهاتما گانڌيءَ جو مجسمو هوندو هو.........
ڪراچيءَ جي فريئر هال گارڊن ۾ راڻي وڪٽوريا جو هڪ خوبصورت مجسمو هوندو هو.(6) اڃو ته رباني سان گڏ ، اسان به ايران جي هڪ علمي شهر جي زيارت ڪريون. تهران کان روڊ رستي ٻن ڪلاڪن جو سفر آهي علائقو جابلو آهي. اهڙو ئي جهڙو حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي وچ ۾ آهي. (7) روڊ حيدرآباد ۽ ڪ راچيءَ واري روڊ سپر هاءِ وي کان گهڻو بهتر آهي. ...... هن قسم جي شهر جي شهريت غالبًا امام علي رضا جي همشيره جي روضي ڪري وڌي آهي. مزار منار جو لوهه سنگمرمر جو آهي، جنهن تي ڪاري رنگ جي ڪيمخاب جو ڀٽر پيل آهي سيرانديءَ واري پاسن کان رحل تي قرآن شريف رکيل آهي، مزار مناري جي چوڌاري امام علي رضا جي روضي واري چانديءَ جو ڪٽهڙو آهي، روضي جو گنبذ سونهري آهي. ... روضي جي ٻئي پاسي سان ڍگهي بازار آهي جتان زيارتي پنهنجي گهر جي ڀاتين ۽ دوستن لاءِ شيريني ۽ سوغاتون وٺي ويندا آهن، جن ۾ تسبيحون ۽ فيروزا عام آهن. (8)

---

1- آگرو غلام رباني "هنگلاج ۾ چانهه" سهيڙيندڙ الطاف آگرو ۽ نصير مرزا، ڇاپو

Gul Hayat Institute

امام سان جنهن جو نالو حاجي نور محمد هو هن شهر ۾ چار هزار ست سؤ (4700) مسلمان آهن. هن سفر کي رباني هڪ ڏاهي شيڪپيئر جي قول تي ختم ٿو ڪري (1)

عظيم انسانن جي ولادت ۽ وفات انساني تاريخ تي وڏا اثر وجهندي آهي. بادشاهن ۾ ٽاڪوڙا پوندا آهن ۽ قومن جي عروج ۽ زوال جا اسباب جڙندڙ آهن ڌرتي تي زلزلا ايندا آهن ۽ آسمان ۾ پڇڙ تارا چرپر ۾ ايندا آهن.

## 8- کوهه قاف جون پريون:-




غلام ربانيءَ آگري جي سفرنامي جي ڪتاب "هنگلاج جو آخري سفرنامو آهي. جنهن ۾ پراڻي دور جي روايتن کي سارييندي چيو آهي ته ننڍي هوندي رات جو سمهڻ مهل گهر جي وڏيءَ عمر وارين عورتن کان کوهه قاف جي پرين جون ڳالهيون ٻڌندا هئاسون. وڏا ٿياسين ته قصن ۽ ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ پڙهيوسين ته پريون کوهه قاف تي رهنديون آهن. ........پرين جي ملڪ کوهه قاف کي انگريزيءَ ۾ CAUCASUS ڪوٺيندا آهن. بهرحال هن سفر نامي ۾ رباني روس، چين، پاڪستان، ترڪي بابت ڪجھ خيال ۽ فلسفي وارا نڪته بيان ڪيا آهن. عثمانيه خلافت مدينو منور، مڪو شريف ۽ پنهنجي شاگردي وارو زمانو بيان ڪيو ا ٿس. رباني جو چين جي دوري بابت هي ٽيون سفر آهي.

---

1- ٹماهی "مهراڻ" -1- 2009ع ، ص: 207

Gul Hayat Institute

"جهڙا گل گلاب" وانگر هنن بزرگن جي سوانح لکندي به رباني صاحب پنهنجو خاص منفرد انداز اختيار ڪندي پر تقليد نه ڪئي آهي. پر پنهنجي الڳ رنگ ڍنگ ۾ انداز سان بزرگن جي سوانح بيان ڪئي آهي. هن ڪتاب بابت اهم ڳالهه ڪ ندس ته هن ڪتاب جو نالو اگر رباني ڀيو ڪو تجويز ڪري ها ته سهڻو ۽ سٺ و لڳي ها، "سنڌ جا بر بحرۦ پهاڙ" هن ڪتاب مان ائين لڳي ٿو ڇڻ ته هي ڪ و جاگرافي جو ڪتاب آهي، پر اندر ڪتاب ۾ اوليائن جا تذڪرا ان ۾ بزرگن جو احوال، پنهنجي جڳهه تي هڪ سوال ڇڏي ٿو. پر انداز بيان ۾ اندر تاريخي حوا لا پڙهي دل کي سڪون ۽ علمي ڄاڻ ملڻ ڪري ڪجهه راحت به ملي وڃي ٿي. اها رباني جي تحرير جي گرفت آهي.

## جهڙا گل گلاب جا:-

غلام رباني آگري جي هن ڪتاب جو ذڪر به باب ڀيو ۾ ڪري آيو آهيان جڏهن سوانح عمرين ۽ خاڪن جي ذڪر جو تعلق آهي ته انهن ۾ غلام رباني آگرو هي تحرير به سنڌي ادب جي ميدان ۾ اهم جاۦ والاري ٿي.

موضوع جي اعتبار سان جهڙي طرح "جهڙا گل گلاب جا" ،"سنڌ جا بر بحر ۽ پهاڙ" توڙي "ماڻهو شهر ڀنڀور جا" غلام رباني جا اهڙا شاهڪار آهن جنهن ۾ آگري صاحب سنڌ توڙي پرڏيهه جي عالمن اديبن ۽ اوليائن بزرگن جي شخصيتن تي ۽ انهن جي ڪارنامن ۽ خدمتن تي ڀرپور نموني سان روشني وڌي آهي، پڙهندڙن جي ڄاڻ ۾ علمي اضافو ڪيو آهي. رباني صاحب وٽ شخصيت کي بيان ڪرڻ جو جيڪو ڏ انءُ آهي، اهو ڪيس گهڻن ليکڪن کان مٿاهون ڪڻي ويو آهي. مٿين صفحن ۾ غ لام رباني آگري جي دور ۾ سوانح نگاري ، خاڪي نويسي، مشاهيرن تي لکيل ڪتابن جو ذڪر ڪيو اٿم ۽ ان ڪانپوۦ جي دور جي لاڳاپيل مضمون جي حساب به ڪ جهه ڪتاب ليکڪ ۽ ڇپائي جا سال ڏنا اٿم. سنڌي ادب جي ننڍڙي ۽ پتڪڙي ڄا ڻ ذريعي اگر ڪا ڪوٽ وغيره رهجي وئي آهي ته انسان آهيان خطا ٿي سگهي ٿي. غلام رباني جهڙي هيڏي وڏي قدآور نالي واري شخصيت جي فن جو جائزو وٺڻ ڄڻ ته سج کي آئينو ڏيکارڻ جي برابر آهي پر هڪڙي ڪوشش آهي.

## 7 ـغلام رباني آگري جي سوانح نگاريءَ جو فني فڪري تقابلي جائزو:-

غلام رباني آگري جو شمار سنڌي ادب جي وڏن نثر نگارن ۾ هڪ هو. ڳالهه ڪڻڻ پکيڙڻ ۽ سميٽڻ جو فن منجهس پختو ۽ ڀرپور هو. هن جي لکڻ جو ڍنگ سنڌ جي مڙني ليکڪن کان نرالو هو. هن پنهنجن خاڪن ۾ سوانح عمرين ۽ يادگيرين کي

حيدرآباد،

١٥- اپريل ١٩٦٧ع

مٺا سائين،

اڳاٽو اوهان سان ڳالهه ڪئي هئم ته دادا مشڪوري جي پوين ڏينهن
بابت هڪ مضمون لکڻ جو ارادو اٿم. اوهان ان بابت هڪ ڪتاب
تحرير ڪيو هو، جو دادا جي حياتي بابت (قانون گو) جو تڪميل آهي،
۽ ان جي هڪ ڪاپي جناب جي. ايم. سيد وٽ آهي. سائينءَ
وٽان اهو ڪتاب ته ڪڏهن حاصل ڪري نه سگهيو. سو موں
منهنجي ڪتاب "سنڌو يا رونگر" سان گڏ احوال
سنڌي ۾ ترجمو ڪري، مضمون لکيو، جو "روح رهاڻ"
جي [illegible] تازي شماري ۾ ڇپيو آهي. مهرباني
ڪري، صفحي ٥٩ کان ٧٠ تائين، مضمون پڙهي ڏسندا ته
ڪيئن لکيو آهي. اوهان جي راءِ ۽ پسند موں لاءِ
وڏي اهميت رکي ٿي. [illegible] سوالن جو
تازو، سنڌ ۾ سائينءَ وٽ مهمان ٿيو ته سنڌ جي
سورهين [illegible] جي حياتيءَ جا احوال ڪٺا ڪري ٿورن ۾ لکي
ڇپايا وڃن. موں کي دريا خان جي حياتيءَ جو احوال
لکڻ لاءِ حڪم ٿيو آهي، منهنجي مرضي آهي ته اهو ڪم

١١ ، ٣ ، ١٩٨٠ع

سائين سنڌيا

١- جونءِ آهن ته جرني ۾ ٻاجهر جوانڙ
۾ ٿي ٿا ٻيهڻ رکيو آڻي ته ڪترو ٿيو پيدو آهي
انگريزي تورو (تازو) پيغام مطلبان تو.
انشاءالله سانڍ ٻيڻ تن
ڏيڻ ۾ الٽيمپ ايندس ته ورڇي
ٻيهڻ ڪنهن ايندس.

٢. سلسلو ٻيو مذاهب جي رحلت
جي [illegible] ٻيڻ کي جيڪي
وڏن عرصي کان ڀراڄهاڻ هجن تن کي
ته شايد هن ٻيهڻ جي يادگيري ٿي
ٿي رهي هجي ، ٻيڻ [illegible] امول

Gul Hayat Institute

ڪوتاهي ڪانه ٿيڻي آهي. البت دنيا کي
وساري ويٺا آهيون ته عجب ڪونهي.
نط دمغي هڪ باڪسر دوست
جو ڪجهه ماڻهو هئڙ جن کي جيئرو ته جي
ترڻ سمجهن ٿا ته حياتي روانئي
وساڻ جي هڪ ڦيرو آهي پلل آهن.
انسان ته سڀ ... ٿالم رنڊلاءِ
ته ٿيندڙ ... جيڙيل بو ٿيڻ
رها جي ... حياتي ڏسيون ٿا.
حياتي هرشخص جي اهائي آهي
جيئا خلقيندڙ ... ٿي اٿئي
جي حياتي وڻڻي ڪرڪ اساڻو.

Gul Hayat Institute

جاري هو، هڪ جڳهه تي ويهي وياسين، جڏهن ڪجهه دير ساهي پٽڻ کان پوءِ ، ڪمانڊر لائين لڳائڻ جو حڪم ڏنو ، اسان جي هٿن ۾ خالي پيالون ڏنيون ويون ۽ هڪ سپاهي بندوق اپي ڪري بيهي رهيو ، ٻيو سپاهي هڪ بالٽي ڪڻ ي آيو ۽ گلاس ڀري ڪري اسان جي ساٿين جي پيالن ۾ وجهندي چيو ، اچ ختم ڪرڻ لاءِ پيئو ، اسان جي ساٿين پيالين ۾ ڏٺو ۽ ڪنڌ سان انڪار ڪندي پيئڻ کان انڪار ڪيو. ڪمانڊر اشارو ڏنو ۽ سپاهي بندوق جي نالي سڌي ڪ ئي هاڻي اسان جي ساٿين کي پيالون خالي ڪرڻيون پيو پر پيالين ۾ ڇا هو ؟ مان کهه لان کان سوال ڪيو، ان چيو گهوڙي جو پيشاب مون کي کهه لان کان وڌ يڪ واقعن معلوم ڪرڻ جي همٿ نه ٿي، ڪجهه دير اسين ٻئي خاموش رهياسين ۽ مان سوچيندو رهيس ته انقلابن ۾ بازن ۽ شڪارين جا رستا ڪيڏا ڏکيا هوندا آهن.

ڊسمبر 1983ع

Gul Hayat Institute

---

"زنده لوگ" غلام رباني آگرو ، ايڪ مقالمه ، مرتب – خالد اطهر، شيخ عبدالمجيد سنڌهي ، اڪيڊمي 1987ع، ص: 57 کان 75

<u>مددی ڪتاب</u>

1_ چونڊ آمريڪی مختصر افسانا ( مترجم) سراج ۽ ربانی پهريون ايڊيشن سنڌ

16. ٽماهي "مهراڻ" – "همسفر" ڪهاڻي- غلام رباني آگرو، جلد 58، نمبر 4، سنڌي ادبي بورڊ سنڌ ڄامشورو، 2008ع.
17. ٽماهي- "مهراڻ" "چين جو سفر" غلام رباني آگرو ، جلد 59 جنوري ، مارچ نمبر 1، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ ،2009ع.
18. ٽماهي- "مهراڻ"، "ڪوهه قاف جون پريون" غلام رباني آگرو- مضمون ۽ تاثرات سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ، 2009ع .
1. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا – جلد پهريون –الف/ ب سنڌي لينگئيج اٿارٽي ، حيدرآباد، سنڌ ،2009ع.
19. ٽماهي "مهراڻ"– " آگرو صاحب جيئن مون ڏٺو" خاص مضمون- نصير مرزا سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ، جنوري – مارچ، 2010ع
20. سنڌي مدد علي "ڪاڪ ڇڏيائون ڪنڊ تي پاڻان ويا پري۔ سنڌي جي داستان گواديب جو قصو" ٽماهي، "مهراڻ" – جولاءِ – سيپٽمبر- 2010ع.
21. ماهوار" امرتا"، "صحبت سپريان جي" نصير مرزا- جنوري – فيبروري 2010ع.
22- ٽماهي- "مهراڻ" "ربانيءَ جو نالو سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو" شيخ اياز سنڌي ادبي بورڊ 2010ع.
23. ٽماهي- "مهراڻ" "جهڙا گل گلاب جا جو نفسياتي ۽ سماجي جائزو" گل محمد عمراڻي 2010ع.
24.- ٽماهي "مهراڻ" "غلام رباني آگرو شخصيت جو هڪ پهلو" غلام محمد لاکو- گوشئه رباني، سنڌي ادبي بورڊ، جلد 60، نمبر 2 ،اپريل – جون، 2010 ع.
25. ٽماهي- "مهراڻ" " آگري صاحب جون ڪجهه يادون" جاويد قاضي، 2010ع.
26. ٽماهي "مهراڻ"، "آگري صاحب جو وڇوڙو" حافظ مهراڻ سڪندري، 2010 ع.
27. ٽماهي "مهراڻ"، "سي لاهوتي لڏي ويا" غلام حسين "مشتاق" سچاروي، 2010ع.
28. ٽماهي- "مهراڻ"، "غلام رباني آگرو" نثار احمد ميمڻ، 2010ع.
29. ٽماهي "مهراڻ"، "جوڳي ڇڏي ويا جوءِ" عبدالغفار صديقي، 2010ع.
30. ٽماهي- "مهراڻ" "غلام رباني آگرو جي جدائي" محمد هاشم لغاري، 2010ع.
31. ٽماهي "مهراڻ" "ڪوڪو ماڻهو موتي داڻو" اياز پاٽولي، 2010ع
32. ٽماهي "مهراڻ" "هن دنيا جي حياتي هڪ ڏينهن وانگر" امام راشدي، 2010 ع.
33. ٽماهي "مهراڻ"،"سنڌي ادب هڪ بي مثال قصاگو اديب کان محروم ٿي ويو" جلد 60، جنوري – مارچ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ، 2010ع.

اخبارون:

1. روزانه "عوامي آواز"- ڇنڇر 23 جنوري، 2010ع.
2. روزانه "ڪاوش" – جلد 23 – خميس، بمطابق 7 محرم الحرام 1434 هه – شمارو 108 حيدرآباد، 22 نومبر، 2012ع.
3. روزانه "ڪاوش" "سنڌي ٻوليءَ جو هڪ منفرد نثر نگار" مضمون – آچر، 9 جون، 2013ع.
4. روزانه "ڪاوش"– "هفتيوار مئگزين" آچر، 9 جون، 2013ع.
5. روزانه "ڪاوش"، "ماڻهو مُلهه املهه" غلام رباني آگرو، 1933ع کان 2010ع ، آچر، 9 جون، 2013ع.
6. روزانه "سوڀ"، "سنڌي مئگزين" – سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پاران – "ادبي انعام ڏيڻ واري تقريب جو احوال" رپورٽ – وفا مولا بخش قمبراڻي ۽ علي نواز آريسر، آچر، 01 سيپٽمبر، 2013ع.

Gul Hayat Institute

